# سال 2022 جي ٻوڏ ۾ متاثر ٿيل پاڻي نيڪال سرشتن جي اضافي ماليات لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو منصوبو

## شهيد بينظير آباد زون پروجيڪٽ جا علائقا

اوپر نواب شاهه جي مکيه نيڪال نالي ۽ انهي سان ڳنڍيل نيڪال ڍانچي جي مرمت ۽ پيهر بحالي، گجرا شاخ نيڪال نالي ۽ انهي سان ڳنڍيل نيڪال ڍانچي جي مرمت ۽ پيهر بحالي، چنيسر نيڪال واهه ۽ چنيسر وٽ پمپنگ اسٽيشن ۽ 20 ٻين پمپنگ اسٽيشنن جي مرمت ۽ پيهر بحالي.



سنڌ فلڊ ايمرجينسي رِي-هيبيلِيٽيشن پروجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي)- اضافي ماليات

آبپاشي کاتو، حڪومتِ سنڌ

INFOTECH SOLUTIONS & CONSULTANTS

# ايگزيڪيٽو خلاصو

سنڌ فلڊ ايمرجنسي رِي- هيبليٽيشن پروجيڪٽ (ايس ايف اِي آر پي)- اضافي ماليات جو مقصد ٻوڏ کان بچاءُ واري نظام کي مضبوط بنائڻ، آبپاشي ۽ ساچي ڪپ واري زمين جي سطح تي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۾ بهتري آڻڻ آهي. انهيءَ کان علاوه، هي منصوبو اوچتي ٻوڏ سبب اينڊڙ تباهيءَ کي گهٽائڻ لاءِ ننڍا نوان ڊيم/بچاءَ بند ٺاهڻ وارن ڪمن ۾ به شامل آهي. اميد ٿي ڪجي ته هي منصوبو 12000000 ماڻهن جي آبادي، 1810000 گهرن ۽ 3770000 ايڪڙ پوک کي طوفاني برساتن کان بچائيندو.

هي منصوبو ٽن مکيه جزن تي مشتمل آهي: (جزو 1) بنيادي ڍانچي کي بحال ڪرڻ (جزو 2) قدرتي آفتن جو مقابلو ڪرڻ ۽ فني مدد لاءِ ادارن کي مضبوط بنائڻ (جزو 3) منصوبي جو انتظام ۽ انهيءَ تي عملدرآمد جو خرچ.

ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو منصوبو (اِي ايس ايم پي) ماحولياتي ۽ سماجي اثرن ۽ انهن اثرن کي گهٽائڻ لاءِ نيڪال سرشتي جي بنيادي ڍانچي کي ٻيهر بحال ڪرڻ يعني جزي- 1 جي ترجماني ڪري ٿو. هن جزي ۾ ٻوڏ کان بچاءَ نظام جي پاڻي نيڪال سرشتي جي مرمت ۽ ٻيهر بحالي شامل آهي. هن دستاويز ۾ ضلع شهيد بينظير آباد جي اسڪيمن تي ڌيان ڏنو ويو آهي يعني، اوپر نواب شاهه جي مکيه نيڪال نالي ۽ انهي سان ڳنڍيل نيڪال سرشتي جي مرمت ۽ ٻيهر بحالي، گجرا شاخ نيڪال نالي ۽ انهي سان ڳنڍيل نيڪال سرشتي جي مرمت ۽ ٻيهر بحالي، چنيسر نيڪال واهه ۽ چنيسر وٽ پمپنگ اسٽيشن ۽ 20 ٻين پمپنگ اسٽيشنن جي مرمت ۽ ٻيهر بحالي.

ماحولياتي ۽ سماجي ڇنڊڇاڻ جي طئه ٿيل شروعاتي معيار موجب، منصوبي تي عملدرآمد ٿيڻ سان گهٽ درجي جا ۽ وچٿرا ماحولياتي ۽ سماجي اثرَ پئجي سگهن ٿا. امڪان آهي ته اهي خدشا عارضي رهندا، انهن جي تلافي ڪري سگهبي ۽ پروجيڪٽ واري ايراضيءَ تي انهن جا اثر ڊگهي عرصي تائين نه رهندا. ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي (اِي ايس ايم پي) کي عالمي بئنڪ جي تحفظ ۽ سلامتي واري ٽيم جي صلاحن سان اهڙي طرح تيار ڪيو ويو آهي جو ذيلي پروجيڪٽ ۾ گهٽ نوعيت جي خدشن جو تدارڪ ڪري سگهجي. بحالي ۽ مرمت جا تجويز ڪيل ڪم شيڊيول 2 ۽ سنڌ ماحولياتي تحفظ واري اٿارٽي (اِي پي اي)، ماحولياتي جانچ پڙتال واري اٿارٽي (آءِ اِي اِي)/ ماحولياتي اثرات جي چڪاس اٿارٽي (اي آءِ اي) جي نظرثاني شده قانون 2021 جي دائري ۾ اچن ٿا. تنهنڪري تعميراتي ڪمن جي شروعات کان اڳ، ابتدائي ماحولياتي جانچ پڙتال (آءِ اِي اِي) جوڙي ’ڪوبه اعتراض ناهي سرٽيفيڪيٽ‘ يا اين او سي وٺڻ لاءِ سنڌ ماحولياتي تحفظ واري اٿارٽي (اِي پي

اي) کي رپورٽ پيش ڪئي وئي. تاريخ 13 جون 2024 تي ’ڪوبه اعتراض ناهي‘ يا اين او سي ڪاميابيءَ سان حاصل ڪيو ويو (**ضميمو 2**).

ذيلي پروجيڪٽ ايراضيءَ جو ماحولياتي ۽ سماجي بيس لائين، مٿاهين سطح ۽ زير زمين پاڻيءَ جي معيار سان گڏوگڏ آسپاس جي فضا ۽ گوڙ گهمسان جي سطح جي تجزئي سان طئه ڪيو ويو. ماحولياتي معيار کي چڪاسڻ واري بيس لائين جي انگن اکرن مان سِپني سائيٽن تي پيئڻ جي پاڻيءَ ۾ اِي-ڪولي ۽ مجموعي اِي-ڪولي بيڪٽريا جي مٿاهين سطح ڏسڻ ۾ آئي آهي. مزيد اهوته روهڙي ڪئنال چوڙ نالي، نواب شاھ جي مکيه نيڪال نالي، يوسف دري، ٺل شاخ، ڪيرجاٽي، لياري، پي ايس نمبر 2 واپڊا آر ايس ٽي ڊي پي، 11-حبيب شاھ، صابو راهو، ستيارو ۽ ناڪر دستي اولھ وٽ نائٽريٽ گڏ ٿيڻ جي حد کان وڌيل شرح نظر آئي. آسپاس جي فضا ۽ گوڙ گهمسان جي سطح، سنڌ اينوائرنمينٽل ڪوالٽي اسٽينڊرڊس (ايس اِي ڪيو) جي طئه ڪيل حدن اندر آهي. ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضيءَ ۾ مقامي يا خطري ۾ پيل نباتات جي ڪنهن به قسم کي بند ناهي ڪيو ويو. هي علائقا جهنگلي جانورن جي ڪنهن پناهگاھ يا محفوظ قرار ڏنل علائقن جي پرسان ناهن.

ذيلي پروجيڪٽ جي مختلف علائقن مان زميني نمونا وٺڻ جو ڪم، سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري اٿارٽي (سيپا) کان منظور شده ميسرس ڊَڪام پاڪستان ليبارٽري ڪيو. سنڌ اينوائرنمينٽل ڪوالٽي اسٽينڊرڊ 2016 (ايس اِي ڪيو ايس) مطابق انهن گڏ ٿيل نمونن جي چڪاس ڪئي وئي.

ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي، 2 اي واري حصي ۾ اچي ٿي. انهيءَ زمين جي زلزلي جنبش پيمائش (پي جِي اي) 0.08 کان وٺي 0.16 جي تائين آهي. هتان جو گرمي پد اپريل، مئي ۽ جون جي مهينن ۾ 40 سيلسيس تائين پهچي وڃي ٿو. ذيلي منصوبي جي هن سائيٽ ۾ برساتن پوڻ جي ساليانې سراسري ماپ 2.5 کان 2.95 انچ آهي.

هن منصوبي جي مقرر ڪيل علائقي ۾ سماجي بيس لائين جوڙڻ لاءِ ٺيويھ ڳوٺن ۽ آبادين ۾ سروي ڪيا ويا ۽ صلاحون ورتيون ويون. ڳوٺن جي چونڊ انهي بنياد تي ڪئي وئي ته  حڪمت عملي جي حوالي سان اهي منصوبي جي اثر نفوذ واري راهداري کي ڪيترا ويجها آهن ۽ ذيلي پروجيڪٽ تي انهن جا ڪهڙا سڌا اثر پوندا. ڳوٺن جي نمائندن ۽ بين مکيه شراڪت دارن، هنن قدمن جي حوالي سان سنڌ جي آبپاشي کاتي جي سرگرم ڪردار جي ڳهڻي تعريف ڪئي. ڳوٺاڻن مطابق، کين پوري اميد آهي ته تجويز ڪيل ذيلي منصوبن تي عملدرآمد سان سندن گهرن جو بچاءُ ٿيندو، روزي روٽي ۽ آمدني جي وسيلن جي حفاظت ٿيندي، لڏپلاڻ جو خطرو گهٽجي ويندو ۽ اهڙي ريت، سندن غربت ۾ گهٽتائي ايندي.

ذيلي پروجيڪٽ جي چنڊچاڻ، ماحولياتي ۽ سماجي معاملن جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ هڪڙي فهرست وسيلي عمل ۾ آندي وئي. انفرادي فهرستون پرڻ لاءِ زميني سروي ڪيا ويا. انهن سروين دوران جيڪي به ماحولياتي ۽ سماجي خدشا قلمبند ٿيا، ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي (اِي ايس ايم پي) جي تياري دوران تن تي غور ڪيو ويو. بحالي ۽ مرمت جا وڏا ڪم، ڪُل ايراضيءَ تائين محدود رهندا. انهي علائقي اندر عوامي استعمال جي ڪنهن عمارت يا ڪاروباري سرگرمين جو ڪو وجود ناهي ڏٺو ويو. واسطيدارڪاتي کان ايراضيءَ جي ملڪيت جي تصديق وارو ليٽر ورتو ويو آهي جنهن کي هتي **ضميمي- 1** طور شامل ڪجي ٿو.

اڻ سڌي طرح ناڪاري اثرن جو ڪاٿو تجويز ڪيل سرگرمين جي وچ واري هنڌ 500 فوٽن تي لڳايو ويو. ذيلي پروجيڪٽ ويجهو قديم آثارن جي ڪا به جاءِ، تهذيب ۽ تمدن سان تعلق رکندڙ مادي اثاثا يا قبرستان نظر نه آيا جن جو اڏاوتي ڪمن جي نتيجي ۾ متاثر ٿيڻ جو امڪان هجي. اڏاوت واري مرحلي ۾ سماجي طور حساس جايون جهڙوڪ: مسجدون، اسڪول، بنيادي صحت مرڪز ۽ قبرستان وغيره اڻ سڌي طرح متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي پر اهو اثر عارضي هوندو۽ (نقصان گهٽائيندڙ تدبيرون اختيار ڪرڻ سان) انهن جي تلافي ٿي سگهي ٿي.

اڏاوتي ڪمن ۾ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ، **ٽيبل 4** ۾ بڌايل 11 ننڍا مقامي وڻ هٽايا ويندا. آءِ يو سي اين جي فهرست مطابق انهن مان ڪوبه وڻ اهڙو ناهي جنهن کي ختم ٿيڻ جو خطرو هجي. انهي ساڳئي قسم جي 55 وڻن جي ٻيهر پوکائي اڏاوتي ڪم جي ٺيڪيدار جي ذميواري هوندي، يعني 1:5 جي تناسب سان هڪڙي وڍيل وڻ لاءِ پنج نيا وڻ پوکيا ويندا. انهي ڪم کي سولو بنائڻ لاءِ، تعميراتي ڪمن جو ٺيڪيدار، اڏاوتي ڪم شروع ٿيڻ کان اڳ وڻن جي انوينٽري تيار ڪندو. زميني سروي دوران ذيلي پروجيڪٽ واري علائقي ۾ ڪي به تحفظ ڏنل ٻيلا يا ڪنهن مخصوص نباتات جو ڪوبه خطري ۾ پيل قسم نه ڏٺو ويو.

اڏاوتي ڪم ڪندڙ مزدورن جي پيشي سان لاڳاپيل صحت ۽ حفاظت کي يقيني بنائڻ لاءِ هڪ جامع طريقي ڪار تيار ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾ بيمارين ۽ حادثن کان بچڻ لاءِ مستقل چڪاس، مزدورن ۽ ڳوٺاڻن کي صحت-صفائي جي ڄاڻ ڏيڻ، صفائي سٿرائي لاءِ قدم کڻڻ، هنگامي بنيادن تي ترت سهائتا جي طريقن تي عمل ڪرڻ، صفائي جون گهربل سهولتون ڏيڻ، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن لاءِ گند جي ڊبن جي فراهمي شامل آهن. هي سمورا ڪم سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِي- هيبيليٽيشن پروجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي) لاءِ خاص طور تيار ڪيل ليبر مئنجمنٽ پراسيجر مطابق ۽ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي انهي پروسيجر سان ڳنڍيل آهن.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِي- هيبيليٽيشن پروجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي) توڙي موجوده ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي (اِي ايس ايم پي) تي عملدرآمد لاءِ،

عملدرآمد وارو شعبو يا پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پي آءِ يو) سنڌ جو آبپاشي کاتو ذميوار هوندو جنهن جو سربراهه پراجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پي آءِ يُو) ڪنسٽرڪشن سپروئين ڪنسلٽنٽ (سِي ايس سِي) جون خدمتون به حاصل ڪيون آهن جيڪو اڏاوتي ڪمن جي نگرانيءَ لاءِ ذميوار هوندو. انهي کان علاوه، اڏاوتي ڪمن جو ٺيڪيدار، نقصان کي گهٽ ڪرڻ وارا قدم سرانجام ڏيڻ ۽ موجوده اي ايس ايم پي ۾ واضح ڪيل بين ضرورتن جي پورائي لاءِ ماحولياتي، سماجي، صحت ۽ تحفظ جو/ ليبر آفيسر مقرر ڪندو.

ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي ( اي ايس ايم پي) تي عملدرآمد لاءِ -/53785000 رپين جي ڏار بجيٽ رکي وئي آهي.